سپ حق ۽ واسطا قائم

سچي لغويذات جو عجيب ڪتاب

جديد

اگهاڙي ترار

سنڌي

اردو ڪتابن تان ترجمو ٿيل

ترجمو ڪندڙ مولوي فيض الله صاحب مهر

رهندڙ تعلقو ميرپور ماٿيلو- ضلع سکر

ناشران

عليگڙه بوڪ اسٽور

سکر

Rs 4 5 ×.



ghulam mahidin brohi

03023617740

تمهيد

اَلحَمدُ لِلّٰهِ رَبِّ العٰلَمِينَ وَالصَّلوٰةُ وَالسَّلَامُ عـ... سيدنا
وحبيبنا محمدٍ وّعلىٰ اٰلهٖ واصحابهٖ اجمعين ۞

بعد حمد ۽ درود جي عرض ٿو ڪريان ته مون وڏو ڪو عامل يا عالم نه آهيان، مگر عاملن جي صحبت ۾ ڪجھ عرصو خدمت ڪندو رهيو آهيان ۽ ڪائن کي وظيفا، نقش مع ترتيب سبق آموز ڪيا اٿم ۽ انهن کي قلب جي حضور سان پڙهيو اٿم ۽ تجربو به چڱي قدر ڪيو اٿم ۽ انشاءالله توهان آموز ماڻهو هن مان گهڻو فائدو پرائيندو ۽ ٻين کي به سيڪار ڏيندو ۽

اوهان جو نياز مند مولوي فيضُ اللهِ قوم مهر تعلقه ميرپور ماٿيلو ضلع سکر سنڌ

اِعلان

هن ڪتاب نالي "جديد گهاڙي نرار" جو حق تصنيف حاجي **ابوالحسن** انصاري مالڪ ڪتبخانه عليگڙھ بوڪ اسٽور نم جي چاڙهي سکر جي کي ڏنيئي حق تصنيف جو ورثه پٺي کي ڇپائڻ جي اجازت نه آهي- ڪو بغير اجازت ڇپائيندو تنهن سان قانون لاڳو ڪيو ويندو-

مولوي فيض الله قوم مهر تعلقه ميرپور ماٿيلو ضلع سکر ٢٠ سپٽمبر ٦٢ع

حلال کائڻ، سچ ڳالهائڻ، ٿورو کائڻ، گهڻا روزا رکڻ، صدقو ۽ خيرات ڏيڻ جي بيان ۾

حديث شريف ۾ آيو آهي، حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته پاڪ رکو خوراڪ پنهنجي کي ته قبول پوي اوهان جي دعاء. ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جيڪڏهن هڪڙو گرهه حرام روزي جو، ڪنهن شخص جي پيٽ ۾ داخل ٿيو ته چاليهن ڏينهن تائين سندس دعاء درگاهه الاهي ۾ قبول نه پوندي آهي. قلب ڪارو ٿي پوندو والله: دين متين جي اڪابرن فرمايو آهي ته عامل کي واجب آهي ته جيترا هو وظيفا، پڙهي ته سستي هرگز نه ڪري، ڇو ته پڙهڻ وقت ننڊ غالب ٿيندي آهي ننڊ غالب ٿئي ته حضور دل جو نه رهندو آهي - ڪيل محنت برباد ٿي ويندي آهي تنهنڪري عامل کي ننڊ کان هوشيار رهڻ گهرجي، ڪوڙ ڳالهائڻ کان به پرهيز ڪرڻ گهرجي: ڇو ته ڪوڙي جي زبان ۾ دعاء قبول پوڻ جو اثر نه رهندو آهي.. روزا رکڻ به هن علم لاءِ شرط آهي، ڇو ته حديث شريف ۾ آهي ته روزيدار جي دعاء رد نه ٿيندي آهي - عمل جي شروع ڪرڻ کان اڳ صدقو ڏيڻ افضل آهي - ڇو ته صدقو، مطلب جي پوري ٿيڻ ۾ گهڻو اثر رکندو آهي - هن سبب ڪري جو، مسڪين ۽ محتاج ۽ مفلس ماڻهو هو صدقو کائي خوش ٿيندا آهن؛ محتاجن جي خوش ٿيڻ ۾، الله تعاليٰ جي خوشنودي ٿيندي آهي؛ ۽ صدقي ڏيندڙ جي مٿان رحمت الاهي جوش ماريندڙ هوندي آهي؛

صد ... ٿو بيندڙ الله تعالیٰ جل جلالهٗ کي پيارو هوندو آهي ÷
صدي ڏيڻ جا تمام گهڻا وڏا فائدا آهن - جي وڏن ڪتابن
۾ تڪيل آهن - اتي ڏسڻ گهرجن ÷

بسم الله الرحمٰن الرحيم

باب پهريون: هن باب ۾ ٤ فصل آهن-

فصل پهريون: ابجد جي بيان ۾-

ابجد	هوز	حطی	کلمن
١ ٢ ٣ ٤	٥ ٦ ٧	٨ ٩ ١٠	٢٠ ٣٠ ٤٠ ٥٠
سعفص	قرشت	ثخذ	ضظغ
٦٠ ٧٠ ٨٠ ٩٠	١٠٠ ٢٠٠ ٣٠٠ ٤٠٠	٥٠٠ ٦٠٠ ٧٠٠	٨٠٠ ٩٠٠ ١٠٠٠

ابجد جون طبيعتون

اهطمفشذ = آتشي ÷ بوينصتقض = باري ÷
جزکسقثظ = آبي ÷ حلعرخغ = خاڪي ÷

ابجد جا ستارا

ابجد = زحل (ڇنڇر) هوزح = مشتري = (خميس) طيڪل =
مريخ (اڱارو) منسع = شمس (آچر) فصقر = زهره (جمعه)
شيت فخ = عطارد (اربعا) ظظغ = قمر (سومر)
حرفن جا قسم:- ڪم صلا او حطاالله درسع = بنا نقطن جي ÷
اهطمفشذ = نوراني ÷ يا آتشي: بونيصقض = ظلماتي يا باري ÷
جزکسفثظ = آبي ÷ حلقرخغ = خاڪي ÷ مرصڪسد حل
عراطه = نوڙا يا بنا نقطن جي ÷ فشظ نتضز قشذ خغ = فوقي يا
مثان نقطن وارا حرف = ڪم صلا او حطاالله درسع = بنا نقطن جي حرف ÷

فصل پيو: بُرُج

آتشي	خاڪي	بادي	آبي
١- حمل	٢- ثور	٣- جوزاء	٤- سرطان
٥- اسد	٦- سنبله	٧- ميزان	٨- عقرب
٩- قوس	١٠- جدي	١١- دلو	١٢- حوت

برجن جا ستارا

حمل ۽ مريخ	ثور ۽ زهره	جوزاء ۽ عطارد	سرطان ۽ قمر	اسد ۽ شمس	سنبله ۽ عطارد
ميزان زهره	عقرب مريخ	قوس مشتري	جدي زحل	دلو زحل	حوت مشتري

ستارن جو نمبر

١ شمس ٢ زهره ٣ عطارد ٤ قمر ٥ زحل ٦ مشتري ٧ مريخ ÷

ڏينهن جون ١٢ ساعتون

آچر	شمس- زهره- عطارد- قمر- زحل- مشتري- مريخ ÷
سومر	قمر- زحل- مشتري- مريخ- شمس- زهره- عطارد- قمر- زحل
اڱارو	مريخ- شمس- زهره- عطارد- قمر- زحل- مشتري ÷
اربعاء	عطارد- قمر- زحل- مشتري- مريخ- شمس- زهره ÷
خميس	مشتري- مريخ- شمس- عطارد- زهره- قمر- زحل ÷
جمعو	زهره- عطارد- قمر- زحل- مشتري- مريخ- شمس ÷
ڇنڇر	زحل- مشتري- مريخ- شمس- زهره- عطارد- قمر ÷

ستارن جي موافقت ۽ مخالفت

آفتاب مريخ ۽ دوست	زهر زحل ۽ دوست	عطارد آفتاب ۽ دوست	عطارد مريخ ۽ دوست
قمر مريخ دوست	شمس زحل دشمن	مشتري قمر دشمن	عطارد - زحل دشمن
	عطارد - زهره	دشمن	

برجن جي موافقت ۽ مخالفت

حمل ۽ اسد ۽ دوست	ثور ۽ عقرب ۽ دوست	جوزاء ۽ قوس ۽ دلو ۽ دوست
سنبله حوت ميزان ۽ حمل دوست	ثور ۽ سنبله ۽ دوست	جوزاء ۽ ميزان ۽ دوست
سرطان ۽ عقرب ۽ دوست	اسد ۽ قوس ۽ دوست	سنبله ۽ جدي ۽ دوست
اسد ۽ حوت ۽ دشمن	حمل ۽ سنبله ۽ دشمن	حمل، عقرب ثور ۽ ميزان ۽ دشمن
	حمل ۽ ثور ۽ دشمن	

طبيعتون معلوم ڪرڻ

طالب ۽ مطلوب جا نالا ڌار ڌار ١٢ تي ونڊي، انهن جو برج معلوم ڪجي: پوءِ پنهي برجن جي موافقت ۽ مخالفت معلوم ڪري فتوىٰ ڏجي ته انهن طالب ۽ مطلوب ۾ دوستي بقاء ڪندي يا نه -؟

طبيعتن جي موافقت ۽ مخالفت

آبي خاڪي ۽ محبت	آتشي بادي ۽ محبت	آبي آتشي ۽ عداوت	آبي بادي ۽ عداوت
خاڪي آتشي ۽ عداوت	خاڪي بادي ۽ عداوت	آتشي آتشي ۽	خاڪي خاڪي ۽

فصل ٽيون: منجهه بيان طالع جي: - طالب يا مطلوب جو نالو ماءُ سميت ابجد سان انگ ڪڍي جوڙ ڪري ١٢ سان ونڊ ڪجي: جيڪا باقي بچي ته انهيءَ انگ وارو برجن ۾ ستارو سمجهڻ گهرجي: طبيعت اها اٿس جا بُرج جي طبيعت هجي ÷

طبيعت معلوم ڪرڻ:- معشوق جي طبيعت ٻن طريقن سان سڃاڻبي آهي: پهريون ته مٿين بيان موجب يعني مطلوب ۽ ماڻس جي نالن جا عدد ڪيدي ٻئي گڏي ١٢ سان ونڊ ڪجي- پاڇي ۾ جيڪي انگ اهو برج آهي: جا طبيعت برج جي آهي سا طبيعت طالب ۽ مطلوب جي سمجهڻ گهرجي: ٻيو ته ان جي نالي ۾ جنهن طبيعت جا گهڻا حرف هجن اها طبيعت ان مطلوب ماڻهوءَ جي سمجهڻ گهرجي:-

جفر جي علم ۾ حرف ۽ نالي جي طبيعت واري طبيعت اها فائدهمند آهي، طبيعتن جو موافق ۽ مخالف هجڻ به انهيءَ مان جاڻڻ گهرجي: پر جيڪڏهن ڪنهن جي نالي ۾ ٻن ياٽن طبيعتن وارا هڪ جيترا حرف هجن ته پوءِ جنهن طبيعت جو اکر پهريون آهي ته اها طبيعت جاڻبي: نقش ۾ طبيعت جا حرف داخل ڪيا ويندا ته ڏاڍو وچ گو ٿيندو÷ نقش داخل ڪرڻ جي ترتيب:-:-

جيڪڏهن مطلوب جي طبيعت آتشي هجي ته تعويذ بادي استعمال ڪجي: جي طبيعت بادي الش ته تعويذ آتشي لکجي: آبي طبيعت جي حالت ۾، خاڪي ۽ خاڪي جي حالت آبي طبع ۾ داخل ڪرڻ گهرجي:-

تنبيهه:- اڪثر ماڻهو، جا طبيعت مطلوب جي آهي ته ان جهڙي طبيعت ۾ نقش داخل ڪندا آهن: ايئن ڪرڻ بالڪل غلط آهي- جو ته جيڪڏهن مزاج ۾ بيماري هجي سردي ڪان ۽ پوءِ دوا به گرم جي بدران سرد ڏجيس ته پوءِ ته هٿ سان ڪيس موت ڏنو ويو÷ ان جي خاص طرح سنڀال ڪجي÷ آتش در دريا÷ باد در آتش÷ آب در خاڪ خاڪ در آب÷ تعويذن ۾ هميشه اهو اصول ڪم آڻڻ گهرجي

نقش داخل ڪرڻ جا شرط :- ١ آتشي تعويذ ڪُڪڙ جي آني يا
ياجانور جي هيانو جي وچ ۾ ڏيئي پوءِ دفن ڪرڻ گهرجي :-
يا سٽيءَ خوشبودار چراغ ۾ پليتو ڪري جلائجي - يا ٻجي
ڪاني جي چوٽي ۾ ڏيئي سٽيو ڪري مطلوب جي گهر ڏي
مُنهن ڪري ٻارجي : ٢ ٻادي تعويذ لکي پکيءَ ۾ ٻڌي اُڏارجي
يا ٻاڌهن يا سڻ ۾ ٻڌجي - يا چرخيءَ ۾ ڦيرائجي : يا وڻ ۾
ٻڌي ڇڏجي : ٣ آبي تعويذ کير يا ٻئي مٺائي ۾ پيارجي :
يا درياءَ ۾ ڦٽو ڪجي : جتان مطلوب پاڻي پيئندو هجي :-
٤ خاڪي تعويذ گوري ٻار هيٺ رکجي : يا ان کي روز موچڙا
هڻجن - يا قبر ۾ گڏ ناهي ميّت جي سامهون پوري ڇڏجي :
يا ڪُتي جي چئن پاون هيٺ رکي ڦيرائيندو رهي : ان کان سواءِ
عداوت جو تعويذ سيڙهه جي ڪنڊي جي قلم سان لکجي :-
محبت جو تعويذ اڇي ڪاغذ يا هرڻ جي کل تي لکڻ گهرجي :
تنبيهه :- محبت يا عام تعويذ ۾، عام طرح نالو لکڻ ۾ غلطي
ڪندا آهن - جنهنڪري تعويذ نه لڳندو آهي : نالا اڇتا، ظاهر
نشان بر، مطلب حرفن ۾ چڱي طرح صاف لکڻ گهرجي :
مطلب :- مطلب کولي تعويذ ۾ لکبو ته اثر ۾ نقصان نه پوندو :

فصل چوٿون : بسط جا قاعدا :-

جفر علم جا هي
قاعدا چڱي طرح معلوم ۽ ياد ڪرڻ گهرجن : جي خاص طرح
محبت ۾ ڪم آئيندا آهن :- بسط عزبيءَ جو قاعدو : اُلفت اُن
گس، تير ڪشيو نه لڳو، مجرب المجرب آهي، ٿورن لفظن ۾ بيان ڪيو اٿئون :

ان کي خيال سان سمجھڻ گھرجي:- مثلاً: عمر مطلوب

ست سال چاليھ سال ٻه سو سال ان ۾

جنھن طبيعت جا حرف غالب ھجن ته ان طبيعت جا حرف

ٻه ان ۾ گڏ ڪجن: ۽ ڏينھن ته نَھَارُ، رات ته لَيلُ ۽ ساعت

به بَسْط ڪري ڪل جملہ لکجي: ان کي گردش ڏجي- پوءِ ڪل

حرف ٻڌي آھن ته چار چار، جي اڪيي آھن ته پنج پنج ڪري

مرڪب لکي: ھيٺان طالب جو نالو لکبو، مثلاً عمر مطلوب علي

حب يعقوب: طالب کي به تعويذ ھڪ بازو ۾ ۽ ٻيو طبيعت ۾

داخل ڪيو ويندو:-

٢ بسط ترفع عددي:- مثال واحد

١٠ = ١٠ — ٦ = ١٠ × ٦

٤٠ = ١٠ × ٤ ÷ ٨ = ٥ × ٨

آيو- س ي ف م ان جي تڪسير زمام ڪم ابندي ÷

٣ بسط ترفع حرفي: مثال واحد

ح بجاط ÷ دلو بخارا

د بجاھ ÷ الف بجاب

ط م ÷ آيو زب

ان جي تڪسير گردش ۽ زمام ڪڍبي

٤ بسط ترفع طبعي ÷

خاڪي نقش کي آبي ۾ ۽ آبي کي بادي ۾ ۽ بادي کي آتشي ۾

ترفع ڪرڻ گھرجي: آتش سڀ کان اعليٰ آھي ÷

مثلاً: واحد (ھا ز ج)

٥ لبسط عددي ملفوظي۔

واحد واؤ عدد ١٣ = ج ي

الف عدد ١١١ حرف ق ي ا

جا عددات حرف ط

دال عدد ٣٥ حرف ف ل ھ

جملہ ج ق ي ا ط ل ھ

٦ لبسط لتضاعف۔ مثلاً واحد

د = ٦ × ٣ = ١٢ ب ي ؛ ا = ا × ٢ = ٢ ب

ح = ٨ × ٢ × ٢ = ١٦ ي د ؛ د = ٤ × ٢ = ٨ ح

جملہ ب ي ب و ى ا ح

٧ لبسط تنصيف

الف ١ = ٢ ؛ ١ ج ٣ = ٢ = ٦

ب ٢ = ٢ ؛ ٤ د ٤ = ٢ = ٨

جملہ ج ا د ب

٨ زبر يا زير بينات: مثلاً سَعِيد

حرف کي لبسط ملفوظي کبجي ته س ى ن ع ى ن - ى ا د ا ل

تنهي حرفن مان پهرين حرف کي جي سي جي مثال آهي ته زير

ء عي آهي ته زبر، باقي بين لفظن کي بينات کوٺبو آهي:

نوٽ:- الهن لبسط جي هميشہ تکسير زمام تاءِ کبد پوءِ عددي

باب ٻيو قرآن جي سورتن جي فائدن ۽ خاصيتن ۾ هن ۾ ٣ فصل آهن

فصل پهريون: خاصيتن ۽ فائدن بسم الله، سورة فاتحه، البقره، آل عمران ۽ النساء جي ÷

روايت آهي ته جڏهن بسم الله نازل ٿي ته ان جي برڪت
۽ فيض سان جبلن کي آرام نصيب ٿيو: عبدالله بن مسعودؓ
کان روايت آهي ته جيڪڏهن ڪو شخص گهري ته هو اوڻيهن
ملائڪن کان، جي هو دوزخ تي مقرر عذاب ڪندڙ آهن، ڪان
ڇوٽڪارو لهي، ته هو بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ پڙهندو رهي ÷
ڇو ته بسم الله ۾ حرف به اوڻيهه آهن. هر حرف جي برڪت سان
هڪ ملائڪ کان ڇوٽڪارو لهندو. حضرت جابرؓ کان روايت
آهي ته بِسْمِ اللّٰهِ اوّل حضرت آدمؑ تي لٿي هئي ته ڪڪر آسمان کان
اوڀر طرف روانا ٿيا. هوا سخت آرام ڏيندڙ ٿي پيئي: درياءَ لهرن
کان بند ٿيا: سرڪش جانور مطيع ٿيا. شيطان آسمان مان ڪڍيا
ويا. اَللّٰهُ تعالىٰ فرمايو ته قسم آهي مون کي پنهنجي عزت ۽ عظمت
جو، ته جيڪڏهن ڪو شخص سچي نيت سان ڪنهن به بيماري تي بِسْمِ اللّٰه
پڙهندو ته ان کي مون شفاءُ ڏيندس. جنهن شيءِ جي مٿان بِسْمِ اللّٰه
پڙهندو ته ان ۾ مون برڪت وجهندس: ڪامل عالمن
فرمايو آهي ته: جڏهن ڪا به مشڪل ڪنهن انسان کي درپيش اچي ۽
هو حيران پريشان ٿئي ته ڪنهن جڳهه ته هو بسم الله کي پوري پاڪائي
سان ٧٨٦ ڀيرا، ٧ ڏينهن تائين پڙهندو رهي ته مشڪل آسان ٿيندس
جيڪو شخص بسم الله کي صبح جي نماز کان پوءِ ١٥٠٠ ڀيرا ڪنهن
مطلب لاءِ پڙهندو ته اهو مطلب شتاب پورو ٿيندس ÷

جيڪڏهن ڪو شخص رزق جي ڪشادگي لاءِ، بسم الله کي درياءَ
جي ڪناري تي صبح جي نماز کان پوءِ ١٢٠٠٠ ڀيرا ۽ مغرب جي نماز کان
پوءِ به ١٢٠٠٠ ڀيرا پڙهندو ۽ پڙهڻ کان اڳ حيوانات جلالي ۽
جمالي جو ترڪ ڪندو ته سندس رزق بيشمار فراخ ٿيندو ÷
جنهن ڪو خميس ڏينهن روزو رکي ۽ چوهاري سان چوڙي، مغرب
جي نماز پڙهي بِسۡمِ اللّٰهِ کي ١٢١ ڀيرا پڙهندو- وري عشاءَ جي
نماز پڙهي سمهڻ وقت روزي جي نيت ڪري ۽ بسم الله کي به
پڙهندو رهي جيئن پڙهندي پڙهندي ننڊ اچي وڃيس ÷
جڏهن صبح ٿئي- ڏينهن جمعه جو هوندو ۽ فجر جي نماز پڙهي
وري بسم الله ١٢١ ڀيرا پڙهي- انشاءالله عزت ۽ مرتبو
زياده ٿيندس- حاڪم مٿس مهربان رهندا- اهڙي طرح
جيڪو آدمي بسم الله کي زعفران، گلاب ۽ عنبر سان بسم الله
کي حروف مقطعات ۾ هن طرح لکندو ب ا س م ا ل ا ه ا ل ر ح
م ا ن ا ل ر ح ي م ۽ عمل ڪندو ته آدمين جي دلين ۾ سندس
چوڏهين جي چنڊ وانگر محبت زياده ٿيندي ÷ واسطي رضامندي
حاڪم جي ۽ دولت حاصل ڪرڻ لاءِ، مرتبو ۽ عزت جي وڌڻ
لاءِ الهي مٿين ترتيب سان بسم الله جو عمل ڪرڻ گهرجي.
جيڪڏهن ڪو شخص لفظ اَلرَّحۡمٰن کي ڪاغذ تي ٥٠٠ ڀيرا لکي
۽ ١٥٠ ڀيرا بسم الله پڙهي مٿس دم ڪري پوءِ اهو ڪاغذ
پاڻ سان رکندو ته اهو خلق جي نظر ۾ مُڪَرَّم ۽ مُشَرَّف
رهندو- وقت جو حاڪم به مٿس مهربان رهندو-

۽ سيني بلائن ۽ آفتن کان محفوظ رهندو. جيڪڏهن لفظ الرحيم ١٩١ ڀيرا ڪاغذ تي لکي پاڻ سان رکي جنگ ۾ ويندو ته تير ۽ ترار وغيره ان تي اثر نه ڪندو. ڪو شخص حاڪم ظالم جي روبرو بسم الله ٥٠ ڀيرا پڙهي مٿس دم ڪري ته حاڪم مهربان ٿيندس ۽ محبت ڪندس ۽ چڱي طرح خاطرداري ڪندس جنهن شخص وٽ هي نقش بسم الله جو هوندو ته سندس دشمن سڀ مغلوب رهندا.

٢٦٣	٢٥٨	٢٦٥
٢٦٤	٢٦٢	٢٦٠
٢٧٥	٢٦٦	٢٦١

سورة فاتحه جو مجرب خاصيتون: هي سورة وڏي اثر واري آهي. سندس خاصيتون ۽ نفعا بيشمار آهن. حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته جيڪو شخص سمهڻ وقت سورة فاتحه سورة اخلاص ۽ مُعوذتين (سورة الفلق ۽ الناس) پڙهندو ته موت کان سواءِ اهو ٻين سيني بلائن کان امن ۾ رهندو. پڻ حضور جن فرمايو آهي ته سورة الفاتحه (اُمُّ القرآن) هر درد ۽ بيماريءَ جي شفا آهي. عالمن فرمايو آهي ته بيمار جي مٿان هٿ رکي مٿس سورة فاتحه ۽ هي دعا ٧ دفعا پڙهي ته اهو جلد چڱو ڀلو ٿيندو. اَللّٰهُمَّ اَذْهِبْ عَنِّيْ سُوْءَ مَا اَجِدُ وَ فُحْشَهُ بِدَعْوَةِ الْمَلِيْكِ الْمُبَارَكِ الْاَمِيْنِ الْمَكِيْنِ عِنْدَكَ

جڏهن ڪا حاجت پيش اچي ته غسل ڪري، ڪپڙا صاف ڍڪي بدن کي خوشبوءِ مکي مُصلي تي ويهي، آية الڪرسي، اٰمَنَ الرَّسُوْلُ ۽ چار قُلْ هر هڪ ٻه ٻه دفعا پڙهي پنهنجي بدن تي ڦوڪي ته مشڪل آسان ٿيندس.

هي نقش جي ڪندن تي يا بدوح لکيل آهي باقي اجهزط، ميزان ١٥، هوا جو نقش آهي

١٨	١١	١٤	١
٣	٢	٧	١٢
٣	١٦	٩	٦
١٠	٥	٤	١٥

انگن کي ١٢ سان وندکري باقي تن تي طرح ڪرڻ سان اهو نقش پرليو ويندو

آهي: فائدا:- اهو نقش (مربع) محبت، عداوت، بيماري، رزق جي ڪشادگي

فتوحات ۽ تسخير لاءِ (اڪسير) مجرب آهي

مربع جو ميزان

١ = ٤ ، ٤ ،، ٣٠ - ٣٤ ميزان

٧	١٣	١٩	٢٥	١
٢٠	٢١	٢	٨	١٤
٣	٩	١٥	١٦	٢٢
١١	١٧	٢٣	٤	١٠
٢٤	٥	٦	١٢	١٨

فائدا:- هي نقش مخمس محبت، عداوت

ڪشائش رزق، بيماري، فتوحات

تسخير وغيره لاءِ اڪسير اعظم آهي

مخمس جو ميزان ٦٥ آهي

٣٦	٣٠	٢٤	١٣	٧	١
٢٥	١٩	٣	٣٥	١٧	١٢
٦	١٠	٤	٢١	٢٨	٣٢
٢٠	٢	٢٩	١١	٣١	١٨
١٥	٣٤	٨	٢٧	٥	٢٢
٩	١٦	٣٤	٤	٢٣	٢٦

فائدا:- نقش مسدس محبت

عداوت، ڪشائش رزق، اعداءَ

جي مقهوري ۽ خلائق جي تسخير لاءِ

مجرب ۽ اڪسير اعظم آهي ÷

(ايق- قاعده ١٠٥ کاٽي باقي ٦ تي وندجي) ٣ کاٽي ٥ سان وندڪرڻ سان ميزان ١١١

هفت در هفت جو ميزان

ميزان ١٧٥ قهع قاعده ١٦٨ کاٽي باقي

ستن سان وندڪرڻ سان ÷

٢١	٢٢	٣٠	٣٨	٤٦	٥	١٣
٣١	٣٩	٤٧	٦	١٤	١٥	٢٣
٤٨	٧	٨	١٦	٢٤	٣٢	٤٠
٩	٧	٢٥	٣٣	٤١	٤٩	١
٢٦	٣٤	٤٢	٤٣	٢	١٠	١٨
٣٦	٤٤	٣	١١	١٩	٢٧	٣٥
٤	١٢	٢٠	٢٨	٢٩	٣٧	٤٥

فائدا:- هي نقش هفت در هفت

خصوصاً محبت لاءِ اڪسير کان زياده

آهي- هي نقش خدا جي ڪلام

يا ڪنهن منتر (١١) محبوب جي نالي سان

پڙهي چلهه ۾ باهه جي هيٺان پورجي يا ڪٽ هيٺان ڦيرائجي يا شربت

۾ پيار جي يا چرخي ۾ ٻڌي گهمائجي ته محبوب جي مٽي ۾ چڪر

۾ ڦيري ايندي ۽ هو بحڪم خدا فوراً اچي حاضر ٿيندو

۵۸	۵۹	۵	۴	۶۲	۲۳	۱	۴۹
۱۵	۱۴	۵۲	۵۳	۱۱	۱۱	۱۰	۵۸
۴۱	۲۳	۲۲	۴۴	۴۵	۱۹	۱۸	۴۸
۴۲	۳۴	۳۵	۲۹	۴۸	۳۸	۳۹	۴۵
۴۰	۲۶	۲۷	۳۷	۳۶	۳۰	۳۱	۲۳
۱۷	۴۷	۴۶	۴۰	۲۱	۴۳	۴۲	۲۴
۹	۵۵	۵۴	۱۲	۱۳	۵۱	۵۰	۲۰
۶۳	۲	۳	۶۱	۶۰	۶	۷	۵۷

مثمن جو ميزان ٢٦٠ ؛ سر قاعده جا ٢٥٢ ڪاڻي باقي کي ٨ ورهائي شاونڊ ڪبجي: فائدا ؛ تاليف قلوب تسخير ضمير لاءِ ساعت شرف آفتاب ۾ لکي دل ۾ وجهي سڀ وٺ هٿي، طبع ۾ داخل ڪبجي - هن ۾ ايڏي طاقت آهي جو ١٠٠٠ اکو تلمسطلوحا شيندو

۱۳	۷۶	۷۵	۷۴	۹	۱۴	۱۵	۱۶	۷۷
۱۲	۲۶	۶۱	۶۰	۲۳	۲۷	۲۸	۶۲	۷۰
۱۱	۲۵	۳۵	۵۰	۳۳	۳۶	۵۱	۵۷	۷۱
۱۰	۲۴	۳۴	۴۰	۳۹	۴۴	۴۸	۵۸	۷۲
۸۱	۶۵	۵۳	۲۰	۴۱	۳۷	۲۹	۱۷	۱
۸۰	۶۴	۵۲	۳۸	۴۳	۴۲	۳۰	۱۸	۲
۷۹	۶۳	۳۱	۳۲	۴۹	۴۶	۴۷	۱۹	۳
۷۸	۲۰	۲۱	۲۲	۵۹	۵۰	۵۴	۵۶	۴
۵	۶	۷	۳	۷۳	۶۸	۶۷	۶۶	۶۹

نه درنه نقش جو ميزان ٣٦٩ ؛ شطس قاعده، ڪاڻي باقي کي ٩ شاونڊجي فائدا: رد سحر، فتح ۽ حصول مراد

چڪاس: نقش جي صحيح هجڻ لاءِ سندس سڀ خانا چوطرف ڪان يا ڪنڊ ڪنڊ ڪان جوڙ ڪري ڏسجي جيڪڏهن هر طرف ڪان خانن جو جوڙ پورو هڪ جيترو آيو ته نقش صحيح آهي نه ته نقش غلط پيل آهي ؛

تنبيهه :- نقش جا انگ نمبروار ميزان موجب هڪ ڪان شروع ڪري آخر تائين پهچي- نمبروار انگ نه لکڻ ڪري فائدو نه ٿيندو ؛ نقش جا خانا به ڪوشش ڪري هڪ جيڏا ڪرڻ گهرجن :-

فصل ٻيو: نقش ذوالڪتابة

ذوالڪتابة جي معنيٰ آهي جنهن ۾ اکر لکيا وڃن: ڪيتري حالتن ۾ اهڙا نقش ڪم ايندا آهن وڌيڪ سمجهاڻي لکڻ جي ضرورت نه آهي: فقط انهن جي مثالن مان ناظرين کي خبر پئجي ويندي: ان خيال تي هو ٻيا نقش به ٺاهي سگهندا

اهي نقش سگورهي آهن:-

پهريون مثال

شافي ٣٩١	ڪافي ١١١	وافي ٩٧	حڪيم ٧٨
٩٨	٧٧	٣٩٢	١١٠
٧٦	٩٥	١١٣	٣٩٣
١١٢	٣٩٤	٧٥	٩٦

ٻيو مثال

يافتاح ٥٠٠	١٠٧٠	١١١٢	يارزاق ٣١٩
١١١٣	٣١٨	٥٠١	١٠٦٩
٣١٧	١١١٠	١٥٧٢	٥٩٣
ياغني ١٠٧١	٥٠٣	٣١٦	١١١١

ٽيون مثال

١٢	٩٨	٤٥٢	٥٤٨
٤٥٣	والقيت ٥٤٧	عليڪ ١٣٠	٩٧
٥٤٦	محبة ٤٥٠	مني ١٠٠	١٣١
٩٩	١٣٢	٥٤٥	٤٥١

چوٿو مثال

جامع ١١٤	احمد ٥٣	علےحب	محمد ٩٢
٥٦١	٩١	١١٥	٥٢
٩	٥٥٨	٥٥	١١٦
٥٤	١١٧	٨٩	٥٥٩

پنجون مثال تڪسير جو

م	ح	ب	ت
ح	ب	ت	م
ب	ت	م	ح
ت	م	ح	ب

ڇهون مثال

سرسا	ابرها	سارسا	رسا
ابرها	سارسا	رسا	مطائي
سارسا	رسا	مطائي	آخر
رسا	مطائي	آخر	رسا

ستون مثال

م ٤٠	ت ٤٠٠	ر ٢٠٠	ب ٢	ر ٢٠٠
٥	١٩٨	٣٨	٤٠٣	١٨
٤٠١	٢١	٣	٢٠١	٣٦
١٧	٤	٢٠٢	٣٧	٤٠٢

خبردار!

اسان هيٺ قارئين لاءِ عجيب قسم جا تعويذ لکون ٿا: اهي پاڪستان جي هن زمان ۾ هٿ اچڻ بالڪل محال ۽ مشڪل آهن ÷

اهي تعويذ اسان هيٺ لکون ٿا - هر هڪ تعويذ اسين سؤ سؤ
دفعا تجربو ۽ آزمودو ڪيو آهي؛ هڪ ئي ڏينهن ۾ پڌرا پئي ٿي پيا
آهن - قسم پروردگار جو! اهي اهڙيون شيون آهن جو دل نٿي
گهري ته مٿن دنيا کي واقف ڪريان - مون دوستن کي گذارش
ٿو ڪريان ته توهان رُوبرُو مون وٽ اچي اهي تعويذ سکي وڃو!
۽ توهان کي رَبُّ العٰلَمِينَ جو قسم آهي ته ناجائز ڪم ۾ نه هلائيو؛
ڇو ته اهي تکيون بند وقون ۽ تراريون آهن - بالڪل محفوظ رکو:
متان ڪو نقصان ٿي پوي؛ اڳتي پاڻ ڄاڻو - اسان جو عرض ۽ بيان ڪرڻ
ڪم؛ مون اهي نقش پنهنجي يادداشت لاءِ لکيا آهن: هتي اُهي
کولي صاف ڪري لکان ٿو: جڏهن جائز ڪم ۾ لڳائي فائدو وٺو
ته هن ڪتاب جي مصنف کي دعاءِ خير جي سان ياد ڪندا؛
جيڪڏهن ڪنهن دوست کي هي تعويذ ڪرڻ ۾ ڏک يا مُونجهه
ٿئي ته هو اسان کي لکي موڪلي ته اسان تعويذ جو نقش جوڙي ڪبس
ٽپال رستي موڪليندا سون؛ واپسي جواب لاءِ هڪ روپيه جون
ٽڪليون به موڪليندا - نه ته جواب وٺڻ مشڪل آهي؛

نَقشُ زَوج دَرزَوج؛ ترتيب: مطلب موافق اِسمُ يا آية
طالب ۽ مطلوب سان گڏي ٢٤٠ ڪٽي باقي کي ٥ سان ونڊي نقش
لکجي، جواب: ٢٦٠ - ٢٤٠ = ٢٠ ÷ ٥ = ٤ ڀرين خاني ۾ لکي پوءِ
چار چار وڌائيا ويندا: فقط اٺين ۽ سترهين خاني ۾ ٨ وڌائبا
سيپي عددن جو استطاق وچين خانن ۾ رکبو؛ محبت لاءِ هڪ
نقش ڏوري ۾ ٻڌو پوءِ هڪ وڻ ۾ هوا تي ٻڌي ٽنگي ڇڏي؛

يا پکي ۽ جي جنگهه يا ڪچي ۾ بڌي ڪيس اڏائي ڇڏي: اَللّٰهَ جو قسم
الله ته هڪ هفتي ۾ اوهان جو دل جو ڪم پورو ٿيندو ÷
هن جهڙو ٻيو نقش دنيا ۾ هٿ ڪرڻ مشڪل آهي ÷

۱۰۴	۴۸	۴	۴۰	۶۴
۱۲	۵۲	۷۶	۸۴	۳۶
۱۰۰	۵۶	۷	۴۴	۶۰
۲۸	۹۶	۹۲	۲۴	۶۰
۱۶	۸	۸۸	۶۸	۸

۱۴۹۴	۱۶۴۱	۱۴۵	۳۴۷	۳۱۸۰
۳۴۸	۲۱۹	۱۴۹۵	۱۶۳۷	۱۴۶
۱۶۳۸	۱۴۲	۳۴۹	۲۲۰	۱۴۹۶
۲۲۱	۱۴۹۷	۱۶۳۹	۱۴۳	۳۴۵
۱۴۴	۳۴۶	۲۱۷	۱۴۹۸	۱۶۴۰

۳۸۴۵

هن تعويذن کي گهڻا ڀيرا آزمايو ويو آهي: تمام مفيد آهن ÷
ڪڏهن به غير موثر نه ٿيا آهن - هڪ دفعه هن نقش جي مدد
سان هڪ معشوق اهڙو ته پريشان ٿيو جو عاشق ڏي ميڙو ٿي آيو
۽ اچي سندس مطلب پورو ڪيائين ÷ ٻي دفعه ان تعويذ جي
وسيلي ڪراچي ۾ هڪ آدمي کي محبت ۾ ڦاسائي پريشان ڪيو ويو
ترتيب: پهرين پنجن خانن ۾ محبت جي آية جنهن جا عدد يُحِبُّوْنَهُمْ
كَحُبِّ اللّٰهِ الخ ۽ ٻين پنجن خانن ۾ جلب قلب ۽ مطلوب جي عدد
مان ۳ ڪاٽي: مثلاً جلب قلب ۱۶۷ مطلوب ۵۳ = ۲۲۰ مان
۳ ڪٽڻ کري باقي ۲۱۷ × ٽين پنجن خانن ۾ طالب مطلوب جي جملي مان ۳ ڪٽي
مثلاً طالب ۵۲ ۽ مطلوب ۵۳ = ۱۴۵ مان ۳ ڪٽي باقي ۱۴۲ - چوٿين
پنجن خانن ۾ عدد آية مذڪور ۽ طالب ۽ مطلوب مان ۲ ڪٽي ۱۴۹۴ × طالب
۽ مطلوب ۱۴۵ = ۱۶۳۹ مان ۲ ڪٽي باقي ۱۶۳۷ پنجين پنجن خانن ۾

جيڪو مطلب هجي، ان جا عدد، لا م جا عدد ٣٠ - ان مان ڪٽي
باقي ٥٣٥ تن جي عزيمت هي آهي: عزمتُ عليڪم يا ازمجائيلُ
ويا نجائيل ويا عتصدائيل ويا سيّدَ المهيطرون لتسلطوا علٰے
وجو ٥٣ محبت ومؤدت ٩٢ مبلغ يڪ صد روپيه بحق يا اللهُ يا حڪيمُ
يا مجيبُ يا دآئمُ وبحق يحبّونهم ڪحبّ اللهِ والذين امنوا اشدّ
حبًّا للّٰهِ ڻ خميس يا جمعه ڏينهن اهي ٣ نقش لکي، هڪ بارهين
هڪ پانهن ۾، هڪ گهر ۾ لڙڪائي لوڏي امبڌ هڪ ڪلاڪ ۾ مطلوب
اچي حاضر ٿيندو. نقش بابت سچ اپرڻ ۽ سچ لهڻ جي ÷
اهڙا به نقش آهن جو ڪڏهن محبوب جي بدران خود عاشق قيد
ٿي ويندو آهي: پرهن نقش جي ڪري عاشق جو سچ اپري ٿو ۽
محبوب جو سچ لهي وڃي ٿو ÷ ترتيب: والقيتُ عليڪَ محبۃً منّيّ
ولتصنع علٰے عيني اذ تمشي اختڪ فتقول هل ادُلڪم علٰى من
يڪفله تا ولا تحزن - عدد ١٣٥ طالب سان گڏي ۽ يُحبّونهم
٥١٢ جا عدد گڏي محبوب سان - طالب مٿين طرف ۽ مطلوب هيٺين
طرف: طالب اول کان ۽ مطلوب آخر کان شروع ڪبو ويندو ÷
نقش هي آهي: هڪ تعويذ ڏوري ۾ ۽ ٻيو باهه ۾ دفن ڪرڻ ڪافي آهي ÷

٩ / ٨	١١ / ٦	١٣ / ٣	١ / ١٦
٢ / ٤	٢ / ١٥	٧ / ١	١٢ / ٥
٣ / ١٣	١ / ١٦	٨ / ٩	١١ / ٦
٧ / ٢	١٢ / ٥	٣ / ٢	٢ / ١٥

ماهه پهرين سومر يا خميس يا
جمعه جي ڏينهن صبح جو نقش
سبع يعني هفت در هفت جنهن
جو ميزان صفحه ١٣ تي ڏنل آهي
لو انفقت ما في الارض نا حڪيم جي

ۓ يُحِبُّونَهُمْ كَحُبِّ اللهِ الخ ۽ وَالْقَيْتُ عَلَيْكَ مَحَبَّةً الخ جملہ عدد
معشوق جي نالي سان پري، ڪبس پيار جي: جي پياري ۸۴۸۹
نہ سگهي تہ هڪ لعوِيذ لکي پانهن ۾ طالب ٻڌي ۽ ٻيو لعوِيذ
ڪکر جي آڳي جي هيٺان ۾ ملائي ڳل حڪمت ڪري باهہ جي
هيٺان پور جي، جيئن سڙي نہ وڃي: اميد تہ محبوب باهہ
۾ پيو سڙندو ۽ تپا پيو ڪائيندو ÷ سندس ڪاڏو پيتو ۽ آرام
حرام ٿي ويندو. تن ڏينهن ۾ اچي طالب جي پيش پوندو
جيستائين طالب ڪي نہ ڏسندو تيستائين فند ۽ آرام نہ ايندس
هي عمل مخفي رکڻ جهڙو آهي. بيوقوف آدمي کي نہ ڏسڻ گهرجي

باب ٽيون: هن ۾ ۴ فصل آهن: فصل پهريون

فالناموسڪندري: هي فالناموءَ ٻين فالنامن وانگر
سمجهڻ نہ گهرجي. گهڻن ڪتابن ۾ ڪيل آهي ÷ هن جي فال
تمام سٺي ۽ سچي آهي: ۽ نقش برسنگ سمجهڻ گهرجي
پر فال ۾ الله تعالیٰ تي ڪامل
توڪل رکڻ گهرجي: ڇو تہ هي
تمام نازڪ ڪم آهي ÷ قوله تعالیٰ
وَعِنْدَهُ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَا إِلَّا
هُوَ ط اول درود ۽ قُلْ هُوَ اللهُ و
پڙهي پوءِ هن نقش تي هٿ
رکا ڄي: ۽ ان خاني جو مطلب ڏسي پڙهجي: هندو ڏرم وارا
ست پيرا "رام" چئي پوءِ نقش جي خاني تي هٿ رکن ÷

÷ فالناموں سڪندري ÷					
وتد	۱	۵	۹	۱۳	ناري
وتد	۲	۶	۱۰	۱۴	هوائي
وتد	۳	۷	۱۱	۱۵	مائي
وتد	۴	۸	۱۲	۱۶	ترابي

١ فال چڱي آهي - سٺت ظاهر ٿيندي - يقين رک ته تون جنهن شيءِ جي خواهش رکين ٿو اهو تو لاءِ انتظار ڪندڙ آهي - تو لاءِ ضروري آهي ته تون سفيد ڪاغذ تي "يَا حَبِيبُ يَا بَاسِطُ" ٢١ ڀيرا لکي جدا جدا ڪٽڪ جي اٽي ۾ گوهي بند ڪري جاري پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏ - نشاني هي آهي ته هڪ ڀِتر سيني ۾ الش:

٢ هي ارادو چڱو آهي - پريشان نه ٿيءُ - دل جي مراد پوري ٿيندي تون پنهنجي فڪر کان غافل نه ٿيءُ - تنهنجو مطلب پورو ٿيندو ÷ تون ڪنهن جي ملاقات جي خواهش رکين ٿو: علامت هي آهي ته جنگهه تي ڀِتر اٿيءَ:

٣ تنهنجو ارادو صحيح آهي - تنهنجي نيت برگشته آهي: تنهنجو ڪاٽ جلال ۽ صدق مقال نه آهي: هي ڳالهه زماني ۾ سٺي نه آهي - دل کي صبر سيکار ۽ دنيا جي آفتن کان بجانب خدا ڀروسو رک - خدا تي ڀروسو ڪرڻ سان تون ڪامياب ٿيندين: تنهنجو مطلب پورو ٿيندو - ارادو تنهنجو بهتر آهي - فقيرن ڏي رجوعات ڪر - علامت سڄي هٿ ۾ ڀِتر اٿيءَ:-

٤ هي نيت تنهنجي لاءِ فائده مند آهي: خيرات جو مال فقيرن کي ڏي ته مراد پوري ٿيندءِ - فڪر نه ڪر - خدا جي قدرت ڏسي خوش ٿيءُ، اهو نصيب غيب کان ظاهر ٿيندو - علامت ڏس ته پاسي ۾ ڀِتر اٿيئي:

٥ هاڻي ذرا صبر ڪر - جلدي ڪرڻ سان ڪم خراب ٿي پوندو - صبر ڪر "دير آيد درست آيد" موقعو ڏس - اِنْشَاءَ اللهُ سڀ خير ٿيندو -

٦ اهڙي لياقت ڪتان -؟ شمع مقدار، علم ڳهري ڏٺو: جي
دنيا جي ڪُتن کي ماني ڏجو تہ ڪارائيندين تہ تنهنجو ارادو ظاهر
ٿيندو ÷ تون فتح مند ٿيندين: علامت سڀني ناس ۾ تہ اٿيئي-
٧ تنهنجو آرزو جلد ظاهر ٿيندو- مگر عظيم گناهہ جي سبب ظاهر ۾
نہ ايندو- صبر ڪر- استغفار پڙهہ- اسم "يَا غَفُورُ" جو وظيفو ڪر
دل ثابت رک: ڏس سڀ ڪلهي تي تہ اٿيئي ÷

٨ تنهنجو اهو ارادو چڱو نہ آهي: ان ۾ توکي فائدو نہ آهي- اُن
کي درگذر ڪر- ديده دانسته بلا کي سر تي کڻڻ چڱو نہ آهي: سچائي
تنهنجي دل کان صاف ظاهر آهي: تنهنجي دل خوش نہ آهي-

٩ هي تنهنجو مقصد جلد ظهور ۾ ايندو- پنهنجي دل خوشيءَ ۾
خوش رکُ- تڪليف وڃڻ کان پوءِ، خوشي حاصل ٿيندي ÷
دل خوش رک- ٻيو چپاتو رکين- علامت پُنيءَ ۾ تہ اٿيئي ÷

١٠ تنهنجو مطلب ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، دل جي خواهش موجب
ظاهر ٿيندو- خاطر جمع رکُ- مگر انهن ڏينهن ۾ ڪتي جي ماني،
ڪوڙي تيل ۾ ڳڏي ڪُتي کي کاراءِ- جي توکي يقين نٿو اچي تہ
ڏس تہ تون خواب ۾ ڪنهن سان ملاقات ڪئي آهي؛

١١ تنهنجو اهو ارادو پورو ٿيندو- ٻڪين کي ماني کاراءِ، تہ تنهنجي
مراد پوري ٿيندي ÷ ارادو پنهنجو برابر آهي: دل کان ڀبودي
ٿيندي: نشاني تون پنهنجي سيني تي تہ ڏسُ-

١٢ ان ارادي ۾ توکي بدنامي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ حاصل
نہ ٿيندو- تون پاڻ داناءُ آهين- نصيحت ڪرڻ جي جاءِ نہ آهي

ڪجهه اٿيئي ته صد فوڏي ته بلا دفع ٿيندءِ - اعتبار نه اچيئي ته
پنهنجي منهن تي داغ ڏس -

۱۳ هن مطلب ۾ تو کي رنج ۽ تڪليف نه ٿيندي - مطلب آهستي
۽ دير سان پورو ٿيندو - ان ڳالهه جو خدا شاهد آهي - خاطر
جمع رک - يقين نه اچيئي ته تنهنجي پيٽ تي تر آهي؛

۱۴ فال تنهنجي خوشيءَ سان تعلق رکيتي - جو گهرندين سو ٿيندو -
جناب الاهي کان فتح يابي آهي: مسافريءَ ۾ سرخروئي نصيب ٿيندي
مگر تنهن جو حساب اٿيئي اهو ادا ڪر - علامت پيشانيءَ تي تر
اٿيئي ÷

۱۵ تنهنجي مراد پوري ٿيندي - خوشي غيب جي پردي کان ظاهر
ٿيندي - دل کي فڪر کان اطمينان ۾ رک - تندرستي حاصل ٿيندي -
تون جنهن جي خواهش رکين ٿو اهو تو ڏي متوجه ٿيندو -
بيو ڪو به انديشو ۽ فڪر نه ڪر - جو گهرين سو ٿيندو - پنهنجي دل
کان دريافت ڪر - خوش ٿي رهي آهي -

۱۶ هي هي مقصد تنهنجو ٺيڪ وارو آهي؛ مگر تنهنجي ڪرتوتن جي
ڪري تأمل ۽ دير آهي - هاڻي تنهنجا ڏينهن چڱا آهن - ستارو
تنهنجو چمڪندڙ آهي؛ ٿوري وقت ۾ ڏس ته خدا ڇا ٿو ڪري ÷
مراد ۽ منشاءِ دل خواهه ٿوني پوري ٿيندي؛ ساو ڇهوٽي رهي
آهي - جي شڪ ٿو رکين ته ڏس ته تنهنجي لهائين تي تر آهي؛
الله سچ کي چڱو سچا ٿيندڙ آهي؛ وَاللهُ اَعلَمُ وَ عِلمُهُ اَتَمُّ ÷
وَعِندَهُ عِلمُ الغَيبِ ÷ ڪَتَبَهُ عبدالجبار پيچوهه مولوي فاضل ۱-۴-۸۷

فصل ٻيو- فالنامو غالب ۽ مغلوب جو

هن فالنامه کان هر ڳالهه معلوم ڪري سگهبي آهي- تمام معتبر آهي ÷ جي معلوم ڪرڻو آهي ته طالب غالب آهي يا مطلوب- يعني ڪو سوال پڇي ته مون غالب آهيان يا ٻيءَ مخالف ڌر-؟ پوءِ اهي شرطيون هجن يا ڪيس وغيره تن سڀني جي خبر هن فالنامه مان ملندي آهي ÷

اول طالب جا عدد ڪڍي ٩ سان ونڊ ڪري ڏسو- پاڇي طالب واري وچين خاني ۾ ڏسي ڇڏي: پوءِ مطلوب يا ٻي ڌر جي عددن کي ٩ سان ونڊ ڪري ڏسي- پوءِ ڏسي ته پاڇي غالب جي کهڙي آهي يا مغلوب جي: ته اهو ڪندو- جي پاڇي برابر آهي ته ٻئي هڪ جهڙا برابر آهن ÷

فصل ٽيون: لوح حيات ۽ لوح ممات ÷

هي ترتيب بالڪل اٽڪس آهي- ڪڏهن به غلط نه نڪتي آهي- ان ۾ حيات ۽ ممات جي يا ٻين ڳالهين جي پيش ڇڱي طرح ڪري سگهبي آهي ۽ ڪا به فال وجهي سگهبي آهي: مثلاً ماڻهو طالب آهي ۽ سوال مطلوب آهي يا ماڻهو طالب آهي ۽ سوال مرڻ آهي ÷ پوءِ جي موت غالب ٿيو ته ماڻهو بيمار مري ويندو ۽ جي موت مغلوب ٿيو ته ماڻهو بيمار به ڇٽي خوش ٿي ويندو- مگر فال وارو ڏينهن ۽ ساعت به شمار ڪرڻ گهرجي: نه ته جواب ۾ نقصان پوندو ÷

لوح حيات

١	٢	٣
٧	١١	١٣
١٤	١٦	١٧
١٩	٢٠	٢٣
٢٣	٢٦	٢٨

لوح ممات

٤	٥	٦
٨	٩	١٠
١٣	١٥	١٨
٢١	٢٤	٢٥
٢٧	٢٩	٣٠

شمس المعارف الكبرىٰ ۾ امام بوني لکيو آهي ته جيڪڏهن
مريض جو حال معلوم ڪرڻو هجي ته هو چڱو ٿيندو يا مرندو ته
ان ڏينهن جا عدد، بيمار ۽ ان جي ماءُ جا عدد وٺي گڏي
۽ تاريخ قمري به شمار ڪري ۽ ٣٠ عدد آس جا به ملائي
پوءِ ٣٠ سان ونڊ ڪري: جي پاڇي حيات ۾ اچي ته بيمار
چڱو ٿيندو. جي ممات ۾ اچي ته موت جي فتوىٰ ڏجي÷
اهڙيءَ طرح عاشق ۽ معشوق جو جيڪڏهن حال معلوم ڪرڻو
هجي ته سائل، مالڪ ۽ ان ڏينهن وغيره جا عدد وٺي، پوءِ
ڪين ٣٠ سان ونڊ ڪجي÷ ۽ مطلوب جي ان طرح پاڇي ڏسجي-
جي ٻئي لوح حيات ۾ آهن ته هو محبت ۾ هميشه گڏ رهندا-
جنهن جا عدد لوڙ آهن سو اڳ ۾ مرندو- جيڪڏهن
هڪ لوح حيات ۾ ۽ ٻيو لوح ممات ۾ آهي ته ٻئي مري ويندا.
اهڙي طرح غالب ۽ مغلوب جو حال معلوم ٿيندو- لوح ممات
وارو مغلوب آهي- اهڙي طرح هر ڳاله جو حساب معلوم ڪري
سگهجي ٿو: اهو نهايت معتبر فالنامو آهي÷

فصل چوٿون: استخاره جو بيان÷

دوستو! گهڻن ڪتابن جو حال احوال لکڻ ۽ پڙهڻ جي
ضرورت نه آهي: سوناري جا سو ڌڪ، لوهار جو هڪ ڌڪ،
لوهار جو هڪ ڌڪ نهايت وڏو آهي- هي راز جو نسخو ڪافي آهي
جاهلن کان مخفي رکو÷ ترتيب:- ڪنهن ولي جي قبر وٽ،
اول ٻه رڪعتون نفل پڙهجي- پهرين رڪعت ۾ ١٠ دفعه سورة الكافرون

پي رڪعت ۾ ١٥ ڀيرا سورة اخلاص پڙهجي - سلام واري پوءِ
٧ دفعا سورة والشمس، والليل، والتين ۽ اخلاص پڙهي
۽ هيٺيان لفظ ٧ دفعا پڙهي، هنيئون نقش لکي مٿي هيٺان
رکي سمهي پوي - جيڪڏهن ٧ راتين ۾ جواب نه مليو ته يقيناً
عمل ۾ ڪا غلطي ٿي آهي، تنهنڪري عمل وري ٻيهر شروع ڪرڻ
گهرجي - اَللّٰهُمَّ اَرِنِيْ فِيْ مَنَامِيْ كَذَا وَكَذَا وَاجْعَلْ لِّيْ فَرَجًا
وَمَخْرَجًا وَاَرِنِيْ فِيْ مَنَامِيْ مَا اَسْتَدِلُّ بِهٖ عَلٰٓى اِجَابَتِ دَعْوَتِيْ
تمام مجرب آهي -

٤ ص	٣ م	٢ ل	١ ا
٨ ا	٧ ص	٦ م	٥ ل
١٢ ل	١١ ا	١٠ ص	٩ م
١٦ م	١٥ ل	١٤ ا	١٣ ص

باب چوٿون

بيمارين بابت: هن ۾ ٻه فصل آهن - فصل پهريون بيمار نا مون

ترتيب: بسم الله ڪري سائل هن هيٺين نقش تي آڱر رکي جنهن خاني تي هٿ جي آڱر پوي ان جو جواب پڙهي ڏسجي: (١) بيماري ان ڏينهن هلندي - اهاغم، تلخ ۽ نظربد کان آهي - بيمار جي حالت ۾

٩	٦	٣	١
٥	١٦	٨	١١
١٢	٢	١٥	٤
٧	١٠	١٣	١٤

مالش جي ٻين کي نظر لڳي آهي - صدقو ڏي ڪاري ماڻهوءَ ترڪارا ۽ سوا سوا پاءُ لٽو ڪارو سوا گز ۽ لوهه جو ٽڪر فقير کي ڏي ۽ نظر جو لغو نڊ ڳچيءَ ۾ ٻڌي ۽ تمام مُجرّب آهي

(٢) پاڇو نيلي پريءَ جو پيو آهي، صدقو چانور، ڪپڙو ڪارو،
گز- ڪپڙي جي هڪ ڪنڊ ۾ ڪوئلا، ٻي ۾ لوهه، ٽين ۾ هيڊ،
۽ چوٿين ڪنڊ ۾ ڪڻڪ ٻڌي فقير کي ڏي- پوءِ نظر جو تعويذ ٻڌي

(٣) سبب پري ڪاري يا ديو جي پاڇي جي ڪري اها تڪليف آهي
علامت بدن سست ۽ ننڊ ۾ ڇرڪ ٿيندس- صدقو سوا گز ڪپڙو
زرد نوڙي هيڊ يا هيڊا چانور، ڏيڻ گهرجن ÷

(٤) بيماري ١٤ ڏينهن هلندي- بيماري، اگهاڙي ترڪڻ يا اڇي
شيءِ کائڻ سبب پئي آهي ÷ علامت مٿي ۾ سور، بدن گرم، اکيون ڳاڙهيون
منهن زرد- ڪنهن سان به نه ڳالهائيندو، ننڊ ۾ ڇرڪندو- صدقو
چانور يا بدن جو ڪپڙو يا ست ماڻهن جي کاڌي سان ملي ڪنهن فقير
کي ڏجن- (٥) بيمار پنهنجي پاڇي کان ڊنو آهي- ١٥ ڏينهن بيمار هلندي
جن يا پري يا چڱي طعام کائڻ جي ڪري نظر لڳي اٿس- صدقو هيڊ ۾
سندر بار جي مٽي کي لائجي ۽ هڪ ڪُڪڙ چوواٽي فقير کي ڏجي ÷

(٦) پاڇي کان ڊنو آهي: نر چيلو يا اڇو ٻڪي ۽ نر اچا ۽ نيل سوا پاءُ
۽ سوا ماسو چانديءَ جو صدقو ڏيڻ گهرجي ÷

(٧) بيماري خوف جي سبب ڪري آهي: يا سردي سببان آهي ÷ نوڙي
جاڻ کائي صدقو ڪپڙو اڇو ۽ ڪارو ۽ سوا ماسو چانديءَ جو ڏي-

(٨) صاحب هن مرض جو ڏهه ڏينهن سختيءَ ۾ رهندو- ان جي
گهر جي اڱڻ ۾ آسيب آهي: يا ان جي گهر ۾ ڪوبڙ آهي: جنهن جي
رهڻ: ان کان بيمار ٿيو آهي- صدقو سوا گز ڪپڙو ڳاڙهو دال مهري
چانور، نر ڳل ڏاڙهون ۽ هڪ ڪپڙو بيمار جي بدن جو اٺو ڪڍ جو گهر

ڪُڪڙ ڳاڙهو بيمار کي ڏيکاري فقير کي ڏجي:

(٩) بيماري غم کان آهي. صدقو سوا پاءُ چانور هڪ ڪڪڙ ڪپڙو بيمار جي بدن جو ۽ ٻه مانيون فقير کي ڏي.

(١٠) عطارد، ١٥ ڏينهن بيماريءَ جو زور، ڪنهن بزرگ جي سُک خيرات نه ڏني اٿس يا ڪنهن فقير جو رنج اٿس گهه، ماني ٽي چار هٿ ڪپڙو ٿوري چاندي هڪ آنو پڪيءَ جو، هڪ ڪڪڙ اڇو، سوا پاءُ چانور سوا پاءُ نيل ڪوڙو فقير کي ڏي:

(١١) ڏيو جو پاڇو پيو اٿس. بيمار کي پيرن ۾ ٻاهه آهي. صدقو ڇيلو ڪارو، الو اڌ سير، گهه سوا پاءُ فقير کي ڏي.

(١٢) سبب اگهاڙو ننڊ ڪيو اٿس يا اڌ رات جو پاڻي پيئڻ لاءِ اٿيو آهي. انهن غيبات جو اثر ٿيو اٿس. صدقو ڪڪڙ ڳاڙهو ڪپڙو ڳاڙهو يا زرد، يا ڪارو، ٿورا ميندي جا پن، سوا پاءُ اَن ڪڻڪ جو خيرات ڪري.

(١٣) صدمو ديو پري جو آهي. صدقو ٽن جو نيل، ڌار ماڻ، دال چڻن جي، ۽ مهري جي ڏي.


(١٤) هن کي رت جي غلبه جي بيماري آهي. صدقو هڪ سير ڪڻڪ آنو گهه جو، پاءُ دال مهري، ۽ هڪ ڪڪڙ فقير کي ڏي.

(١٥) ان تي ڪنهن ماڻهوءَ جادو ڪيو آهي. اهو ڪنهن قبر ۾ پوريل آهي. اوله طرف پراڻي مقام ۾ آهي. دال مهري، چانور ۽ ڪپڙو صدقو ڏي پوءِ تعويذ پيئي نه شفاياب ٿئي.

(١٦) بدني بيماري آهي. بيو ڪو به الڪو نه ڪري. فقط ويچي دوا ڪري.

فصل ۱۴ - هر درد جو علاج

ڇڪيءَ لاءِ اڍائي روپيه وٽي پوءِ هي تعويذ لکي ڏجي - شرطيه علاج آهي



تعويذ چيله ۾ ٻڌجي -

ديگر: - نانگ جي ڏنگ لاءِ سُبي پڙهي ڏجي ۽ گنڊيون ڏي ۽ ڏنگ تي ڪنڌ ۾ ٻڌائي ÷

ڪارا ڪيي ڪمراڪيي ڪبرنگ ÷ ڪاڙي ڏمڙ تليهر نانگ ÷

سيّد سلطان احمد ڪبير، ستر سابلا ۽ هتر جنجير، تني مبلا جو منهن چٽي، جهاڙيان جهاڙيان زهر نه چڙهي، قاف قوت سيڙا، مربا تون ڪروڙ، اگري ڪبي ڪليڪ، چيلي ڪيي سنگت، ٻگي منڊ السر مهاديو، ڪا واچا چلي، ڪاري نانگ ڪنڌ ٻوالو، هُدا احضرت پير جي آيو ÷ ايضاً: بسم الله الرحمٰن الرحيم ۽ اول نان ۽ الله دا، ڏوجها نام رسول دا، ٽريجها نام چو ياران دا، ڪلام اے خدا دا، حديث آئے رسول دی، هُدا اے پير دستگير دا، ڪڙا اے سلطان احمد ڪبير دا، باهتر سابلا، ڪلاني زنجير، نه ڪلابو تنزي نه بلا چُٽي، جهري جهري، رت ۾ چڙهي، پنڌ کھے سيّد ڪبير دی ÷

ڪم سو الله رسول ڪري ÷ ترتيب: اهو سُبي تي پڙهي ستن ليرا ۽ ست ڳنڍيون ڏي ÷ جي نانگ جي زهر جي گهٽي تڪليف ٿئي ته بلنگو ۶ ماسه پتاشا ۲ تولا ۽ خانه گهر ينتري گڏي، ٻه ٽي وقت اهو شربت پيارجي ته بيمار شفاياب ٿيندو، انشاالله تعاليٰ ÷ ديگر: وڇونءَ جي ڏنگ لاءِ پاڻي تي پڙهي پرواري ماڻهوءَ کي پيارجي ڇڏجي :- سورو ڇھے سوري کها، وڪهو ڪالڪا ڪا ٻهال، جو وڇون ڏنگي او سو پاڻي پيارجي هوونوں ÷ ايضاً هي وڇونءَ لاءِ شرطيه علاج آهي: فائدو نه ٿئي ته ماڻ ذميدار آهيان - اُن وقت درد لهي ويندو

